# جذبهءِ عشقِ رسول

## ۽ دعوتِ اسلامي

ماهوار مدني مشورن جا مدني گُلَ

سيپٽمبر 2025ع



اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

# جذبہِ عشقِ رسول ۽ دعوتِ اسلامي

## دُرود شريف جي فضيلت

آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي تہ: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سڀ کان ويجهو اهو هوندو، جنهن دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهيو هوندو.(1)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

حضرت انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ شخص حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيامت ڪڏهن ايندي؟ پاڻ فرمايائون: تو قيامت جي لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟ هن عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون وٽِ (نفلي) نمازون، روزا ۽ صدقن جي گهڻائي تہ نہ آهي، پر مان اللّٰه پاڪ ۽ سندس رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سيني کان وڌيڪ محبوب رکندو آهيان. آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: تون انهيءَ سان ئي گڏ هوندين، جنهن کي تون محبوب رکندو آهين.(2)

پيارا اسلامي ڀائرو! محبتِ رسول صرف هڪ جذباتي ڪيفيت نہ، پر هي هڪ عظيم جذبو آهي، جيڪو اسان جي ايمان جو بنياد آهي. هڪ مسلمان جو ايمان تڏهن ئي ڪامل آهي، جڏهن هُو پنهنجي جان،

1... ترمذی، ابواب الوتر، باب ماجاء فی فضل الصلاۃ علی النبی صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، ص144،حدیث: 484

2... بخاری،کتاب الاحکام ،باب القضاء و الفتیاء فی الطریق ، ص1735 ، حدیث: 7153،ملتقطاً

پنهنجي خواهشن، پنهنجي گهر وارن ۽ دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي محبوب سمجهي. جيئن الله پاڪ جي آخري نبي رسولِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: لَايُؤْمِنُ أَحَدُكُمْ حَتّٰى أَكُوْنَ أَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ أَجْمَعِيْنَ يعني توهان مان ڪو به ان وقت تائين مومن نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين مان ڪيس سندس والدين، اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ محبوب نه ٿي وڃان. (1)

اهڙي طرح حضرت ابو رزين عقيلي رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ايمان ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: ايمان هي آهي ته الله پاڪ ۽ سندس رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنهنجي نظر ۾ سڀني کان وڌيڪ محبوب هجن. (2)

## صحابہ جي حضور سان محبت

جيڪڏهن اسان صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهم جي سيرت جو جائزو وٺنداسين ته خبر پوندي ته سندن زندگيءَ جو سڀ کان نمايان پهلو عشقِ رسول هو، جيڪو سندن ايمان جو روح ۽ بنياد هو. تاريخ شاهد آهي ته انهن هستين پنهنجو مال، جان، وقت ۽ جذبا سڀ ڪجهه نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قربان ڪري ڇڏيا. انهن ۾ عشقِ رسول جو جذبو ڪيترو اعليٰ هو، ان جو اندازو هِن مان لڳايو ته امير المؤمنين حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان ڪنهن سوال ڪيو ته اوهان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري حد تائين محبت ڪندا آهيو؟ پاڻ فرمايائون: كَانَ وَاللّٰهِ اَحَبُّ اِلَيْنَا مِنْ اَمْوَالِنَا وَاَوْلَادِنَا وَاٰبَائِنَا وَاُمَّهَاتِنَا وَمِنَ الْمَاءِ الْبَارِدِ عَلَى الظَّمَاِ، خدا جو قسم! رحمتِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1... بخاری، کتاب الایمان ، باب حب الرسول من الایمان، ص74، حدیث : 15

2... مسند امام احمد، مسند المدنیین ،ابی رزین عُقیلی لقیط بن عامر بن منتفق، 6/ 584، حدیث:16623 ملتقطاً

اسان کي اسان جي مال، اولاد، ماءُ پيءُ ۽ سخت اُڃ جي وقت ٿڌي پاڻيءَ کان بہ وڌيڪ محبوب آهن.(1)

## عشقِ رسول جو جذبو ڇو ضروري آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن فتنن واري دور ۾، جتي گناهن جي بازار گرم آهي ۽ هر شخص نفس ۽ شيطان جي ڄار ۾ جڪڙيو پيو آهي، اهڙين حالتن ۾ عشقِ رسول اهو سچو جذبو آهي، جيڪو هڪ مسلمان جي زندگي کي سنتن جي مطابق گذارڻ ۽ ڪيس گمراهيءَ کان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. عشقِ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ اهڙي روشني آهي، جيڪا مسلمانن کي پَستي، زوال ۽ گمراهيءَ جي کڏ مان ڪڍڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هي جذبو هڪ اهڙي روحاني قوت عطا ڪندو آهي، جيڪو انسان کي نيڪي، تقوٰي ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ ڏانهن وٺي ويندو آهي. جڏهن ڪو مسلمان پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ گُم ٿي ويندو آهي، تہ سندس دل دنيا جي محبت کان دور ٿي، الله پاڪ ۽ سندس رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڏانهن مائل ٿي ويندي آهي. اڄ مختلف قسم جي فتنن مسلمانن کي ديني قدرن کان پري ڪري ڇڏيو آهي. اهڙين حالتن ۾ جذبۂ عشقِ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ اهڙي ڍال آهي، جيڪا انهن فتنن جي اثرن کان بچائيندي آهي. عشقِ رسول جي جذبي سان سرشار مسلمان پنهنجي زندگي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرت جي مطابق گذارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ سندس زندگي اطاعت ۽ اتباعِ رسول جو عملي نمونو بڻجي ويندي آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ پنهنجي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت کي غالب رکون، سندن سنتون اختيار ڪريون ۽ سندن پيغام کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ڇڏيون.

1... الشفا، القسم الثانی، الباب الاول، فصل فیماروی عن السلف والائمۃ من محبتہم للنبی، الجزء الثانی، ص20

اهو ئي عشقِ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اصل روح ۽ مسلمان جي ڪاميابيءَ جو راز آهي.

## دعوتِ اسلامي ۽ جذبهِ عشقِ رسول

اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول عام ماڻهن خاص ڪري نوجوانن کي محبتِ رسول جا جام پيارڻ ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن جو گناهن ۽ غفلت سان پريل زندگين ۾ مست رهڻ وارا نوجوان هن ديني ماحول جي برڪت سان خوفِ خدا ۽ عشقِ رسول ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ وارا بڻجي ويا. دعوتِ اسلامي ڪين عشقِ رسول جو اهڙو سبق سيکاريو جو جيڪي ڪالهه تائين فيشن جا متوالا هئا، اُهي پياري آقا جي محبت ۾ سندن سنتن تي عمل ڪندي ڏاڙهي ۽ عمامو شريف سجائڻ وارا بڻجي ويا. عشقِ رسول انهن کي اهڙو جذبو ۽ حوصلو عطا ڪيو جو اهي نوجوان پُوري دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ، پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنتن جو درس ڏيڻ ۽ سندن عطا ڪيل دين جي خدمت ۾ پنهنجيون زندگيون گذارڻ لڳا. نوجوانن جي زندگين ۾ انقلاب برپا ڪرڻ ۽ کين عشقِ رسول جا جام پيارڻ ۾ هڪ اهڙي معلم ۽ شيخِ ڪامل پنهنجو عظيم ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن کي دنيا اميرِ اهلِ سنت جي نالي سان سڃاڻيندي آهي. سندن گفتگو محبتِ رسول جي چاشني سان پريل هوندي آهي، سندن تحريرون عشق ۽ ادب جي دنيا ۾ وٺي ويندیون آهن، سندن شاعري عشقِ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهڙي خوشبوءَ پکيڙيندي آهي جنهن سان روح جون ڪَلِيُون مهڪي پونديون آهن. سندن ٺاهيل تنظيم دعوتِ اسلامي نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۽ جذبهِ عشقِ رسول کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ان جي تعليمي ادارن، مدرسن ۽ جامعات ۾ نئين نسل کي تعليم سان گڏوگڏ محبتِ رسول جا جام به پياريا ويندا آهن ۽ سندن سينن ۾

عشقِ رسول جي شمع روشن ڪئي ويندي آهي. دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ وقتاً فوقتاً جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت جو روشن ذڪر ٿيندو آهي ته محبتِ رسول جا جذبا پروان چڙهندا آهن. علائقائي دوري ۾ جڏهن ڪو مبلغ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندي چوندو آهي ته **اسان الله پاڪ جا گنهگار ٻانها ۽ سندس آخري نبي، محمدِ عربي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا غلام آهيون** ته دلين ۾ محبتِ رسول جاڳي پوندي آهي. دعوتِ اسلاميءَ جو مدني چينل سڄي دنيا ۾ قرآن ۽ سنت جو پيغام عام ڪرڻ سان گڏوگڏ عشقِ رسول جي فروغ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هي چينل بزرگن، نوجوانن ۽ ٻارن سميت هر عمر جي ماڻهن لاءِ اهڙا پروگرام نشر ڪري رهيو آهي، جيڪي کين محبتِ رسول سان سرشار ڪري رهيا آهن. هن ديني ماحول جو ئي اثر آهي جو ٻچو ٻچو پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا گيت ڳائيندو نظر اچي رهيو آهي. تحرير ۽ تصنيف جي ميدان ۾ ڏسو ته اسلامڪ ريسرچ سينٽر ۽ ماهوار فيضانِ مدينه جا رسالا ۽ تحريرون ماڻهن ۾ محبتِ رسول جا جذبا گرمائي رهيون آهن. ايئن ئي هِن سال دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نبيِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو **1500** هون جشنِ ولادت انتهائي جوش ۽ جذبي سان ملهائي، دلين ۾ محبت ۽ عظمتِ رسول پيدا ڪرڻ جو ڀرپور اهتمام ڪري رهي آهي.

## عشقِ رسول جي جذبي جو عملي مظاهرو

پيارا اسلامي ڀائرو! انسان جنهن سان محبت ڪندو آهي، ان جي رنگ ۾ رنڱجي ويندو آهي ۽ پنهنجي هر ڪم ۾ پنهنجي محبوب جي ادائن کي اختيار ڪرڻ پسند ڪندو آهي. محبتِ رسول اسان جو ايمان ۽ عشقِ رسول اسان جي سڃاڻپ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول عشقِ رسول جي جذبي سان سرشار آهي. تنهنڪري پاڻ به مرڻ گهڙيءَ تائين دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته

رهو ۽ پنهنجي اولاد ۽ ايندڙ نسلن کي بہ عشقِ رسول جي جذبي سان سرشار ڪرڻ جي لاءِ هن پاڪيزه ماحول سان منسلڪ ڪري ڇڏيو، پيڪرِ عشقِ رسول اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي غلاميءَ ۾ شامل ٿي وڃو ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ هيءَ سعادت ڏياريو. پنهنجي ٻارن کي دعوتِ اسلامي جي مدرسن ۽ جامعات ۾ داخل ڪرايو. سندن دلين ۾ عشقِ رسول جو چراغ روشن ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪرايو ۽ ”نيڪ اعمال“ رسالي جي مطابق پاڻ بہ عمل ڪريو ۽ پنهنجي اولاد کي بہ ڪرايو. جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو تہ اوهان جي ۽ اوهان جي ايندڙ نسلن جي دلين ۾ عشقِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهڙو جذبو پيدا ٿيندو، جيڪو کين زندگيءَ جي هر معاملي ۾ سنتن جي پيرويءَ ڏانهن راغب ڪندو رهندو.

میری آنے والی نسلیں تیرے عشق ہی میں مچلیں | انہیں نیک تم بنانا مدنی مدینے والے

اڇو تہ! عشقِ رسول جي جذبي کي وڌائڻ لاءِ اميرِ اهلِ سنت جي مدني مذاڪرن ۽ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مدني مشورن مان چونڊيل ڪجھ اهم مدني گُلَ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا:

## مدني مذاڪرن ۽ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مدني مشورن مان چونڊيل ڪجھ اهم مدني گُلَ

- تربيت صرف ديني ڪم ڪرڻ جا مدني گُلَ ٻڌائڻ ۽ سيکارڻ جو نالو نہ آهي، بلڪ ان ۾ خوفِ خدا، عشقِ مصطفيٰ، مسلمانن جي خيرخواهيءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ، فرائض ۽ واجبات جي آگاهي ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۽ سوچن کي بدلائڻ وغيره بہ شامل آهي. (1)

1... مدنی مشوره مرکزی مجلسِ شوریٰ، 15 صفرالمظفر 1443ھ بمطابق 23ستمبر2021ء

- شعبن ۾ خوفِ خدا، عشقِ رسول ۽ دين جي خدمت جو جذبو رکڻ وارن اسلامي ڀائرن کي تلاش ڪري، کين ديني ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وڃي.(1)
- محبت جڏهن وڌندي آهي ۽ تمام گهڻي ٿي ويندي آهي تہ ان کي عشق چيو ويندو آهي. اسان کي عشقِ رسول ۾ زندگي گذارڻ گهرجي ۽ عشقِ رسول جو اعليٰ درجو هي آهي تہ سندن نقشِ قدم ۽ سنتن تي هلجي.(2)
- سرمايۂِ عشق حاصل ڪرڻ جي لاءِ عشقِ الهي ۽ عشقِ رسول تي ٻڌل حڪايتون ۽ مضمون پڙهڻ گهرجن.(3)
- عشقِ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ دل جلائڻ بہ ثواب جو ڪم آهي.(4)
- نعت شريف ٻڌڻ سان عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو آهي.(5)
- سيرت جو مطالعو ڪريو ۽ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون دين جي خاطر ڏنل قربانيون ۽ امت تي شفقت جي انداز جي باري ۾ معلومات حاصل ڪريو. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو.(6)

اي الله ڪريم! اسان جي دلين کي پنهنجي حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عشق ۽ محبت سان ڀري ڇڏ ۽ اسان کي سندن سنتن تي عمل ڪرڻ ۽ دينِ متين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

1... مدنی مشورہ مرکزی مجلسِ شوریٰ، 27تا29ربیع الآخر 1439ھ بمطابق 15 تا17جنوری 2018ءماخوذاً
2... ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، قسط 86: بیٹی کی پیدائش پر مبارکباد دینا کیسا ؟ ، ص 8
3... مَدَنی مذاکرہ، 4 ذوالقعدۃ الحرام 1435
4... مدنی مشورہ مرکزی مجلسِ شوریٰ، 16محرم 1437ھ بمطابق نومبر2015ء
5... ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت ، قسط 230: چھوٹوں پر شفقت نہ کرنے کے نقصانات ، ص 14ماخوذاً
6... ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت ، قسط 230: چھوٹوں پر شفقت نہ کرنے کے نقصانات ، ص 14